امراهل سنت جي ڪتاب "550 سنتون ۽ آداب" جي هڪ قسط "بنام"

# نالو رکڻ جون 18 سنتون ۽ آداب

(مع ٻيون اهم سنتون ۽ آداب)

سنڌي

عقيقي جون 25 سنتون ۽ آداب

چار شيون جنهن شيون جن کي دفن ڪرڻ جو حڪم آهي

عمامي جون 25 سنتون ۽ آداب

منڊي ۽ جاضروري احڪام




شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

**محمد الياس عطار قادري رضوي**

دامت برڪاتهم العاليه

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنۡ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفکر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: نالي رکڻ جون 18 سنتون ۽ آداب

ڇاپو پهريون: جمادي الاوليٰ 1444ھ، نومبر 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جي ڪتاب ”550 سنتون ۽ آداب“ مان ورتل رسالو

# 18 جون نالو رکڻ

# سنتون ۽ آداب

(گڏوگڏ ٻيون اهم سنتون ۽ آداب)

### ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاھ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

# فهرست


نالورکڻ جون 18 سنتون ۽ آداب ........................................ 1

درود شريف جي فضيلت ........................................ 1

نالورکڻ جي باري ۾ 18 سنتون ۽ آداب ........................................ 1

”ٻار جو عقيقو ڪرڻ سنت مبارَڪ آهي“ جي 25 اکرن جي نسبت سان عقيقي جون 25 سنتون ۽ آداب ........................................ 6

اِثمِد“ جي ڇئن اکرن جي نسبت سان ........................................ 10

سرمو لڳائڻ جا چار مدني گل ........................................ 10

زُلفَ رکڻ حضور ڪريم جي سنت آهي“ جي ٻاويهه اکرن جي نسبت سان زلفن ۽ مٿي جي وارن وغيره جون 22 سنتون ۽ آداب ........................................ 10

”عمامو شريف ٻڌڻ سرڪار جي سنت آهي“ جي پنجويهن اکرن جي نسبت سان عمامي جا 25 مدني گل ........................................ 13

”مندي پائڻ جا ضروري احڪام“ جي اٺويهه اکرن جي ........................................ 15

نسبت سان مندي پائڻ جون 19 سنتون ۽ آداب ........................................ 15

حوالاجات ........................................ 18

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# نالورکڻ جون 18 سنتون ۽ آداب

(گڏوگڏ ٻيون اهم سنتون ۽ آداب)

**دعاءِ عطار:** ياربَّ المصطفي: جيڪو بہ مڪمل رسالو "**نالو رکڻ جون 18 سنتون ۽ آداب**" پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي هر ڪم سنت جي مطابق ڪرڻ جي سعادت عطا فرماءِ ۽ اُن کي پنهنجي سيني کان آخري نبي صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن جو آئينو بڻاءِ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن کي ڪا مشڪل پيش اچي ان کي گهرجي تہ مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهي ڇوتہ مون تي درود شريف پڙهڻ مصيبتن ۽ بلائن کي ٽارڻ وارو آهي.
(ترمذی، 27/2، حديث: 484)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نالورکڻ جي باري ۾ 18 سنتون ۽ آداب

(1) ہ فرامينِ مُصطفٰي صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ملاحظ ڪريو: (1) فرمايائون: چڱن جي نالن تي نالا رکو.[1] (2) فرمايائون: قيامت جي ڏينهن توهان پنهنجي ۽ پنهنجن ابن ڏاڏن جي نالن سان پڪاريا ويندؤ، تنهنڪري

توهان پنهنجا سنا نالا رکو.[2] (2) حضرت علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحمۃُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ٻار جو سنو نالو رکيو وڃي، هندوستان ۾ ڪيئي ماڻهن جا اهڙا نالا آهن جن جي ڪا معنٰي ناهي يا انهن جي بري معنٰي نڪري ٿي اهڙا نالا رکڻ کان بچو. انبياء ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي پاڪيزه نالن ۽ صحابہ ۽ تابعين ۽ بزرگانِ دين عَلَيۡهِم الرِّضۡوَان جي نالن تي نالو رکڻ بهتر آهي، اميد آهي تہ انهن(نالن) جي برڪت ٻار کي ملندي[3] (3) ٻار زنده پيدا ٿيو يا مُئل ان جي خِلۡقت(يعني بدن) مڪمل هجي يا نامڪمل بهرحال ان جو نالو رکيو وڃي ۽ قيامت جي ڏينهن ان جو حشر ٿيندو (يعني اُن کي اٿاريو ويندو) [4]معلوم ٿيو جيڪو ٻار ڪچو ڪِري پوي ان جو بہ نالو رکيو وڃي. جيئن تہ دعوت اسلامي جي **مڪتبة المدينہ** جي رسالي ”اولاد جا حق“ صفحي 17 تي آهي: نالو رکي ايتري تائين جو ڪچي ٻار جو بہ (نالو رکي) نہ تہ الله پاڪ جي دربار ۾ شڪايت ڪندو. **فرمانِ مصطفٰي** صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ڪچي ٻار جو نالو رکو جو الله پاڪ ان جي ذريعي توهان جي ميزان (يعني عمل جي ڀُڙ) کي وزني ڪندو[5] (4) ”محمد“ نالي رکڻ جي باري ۾ ٽي فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1) جنهن وٽ ڇوڪرو پيدا ٿئي ۽ اهو منهنجي مَحبت ۽ منهنجي نالي مان برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ان جو نالو محمد رکي اهو ۽ سندس پٽ ٻئي جنت ۾ ويندا[6] (2) قيامت جي ڏينهن بہ شخص الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ بيهاريا ويندا، حڪم ٿيندو انهن کي جنت ۾ وٺي وڃو. عرض ڪندا: **ياالله!** اسان ڪهڙي عمل سبب جنت جي قابل ٿياسين؟ اسان تہ جنت وارو ڪو ڪم ڪيو ئي نہ! فرمائيندو: جنت ۾ وڃو، مون حلف ورتو آهي تہ جنهن جو نالو احمد يا محمد هوندو دوزخ ۾ نہ ويندو[7] (3) توهان مان ڪنهن جو ڪهڙو نقصان آهي جيڪڏهن ان جي گهر ۾ هڪ محمد يا بہ محمد يا ٽي

محمد هجن.[8] اها حديث نقل ڪرڻ کان بعد اعلٰي حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جيڪو ڪجهه لکيو آهي ان جو خلاصو هي آهي: انهيءَ ڪري مون پنهنجي سيني پٽن، پائٽين جو عقيقي ۾ رکو محمد نالو رکيو وري نالي مبارک جي آداب جي حفاظت ۽ پارن جي حفاظت تي سگهي تنهنڪري عرف(يعني پڪارڻ وارا نالا) جدا مقرر ڪيا. بِحَمْدِ اللّٰهِ پنج محمد هاڻي به موجود آهن جڏهن ته پنجن کان وڌيڪ پنهنجي راهه ڏانهن ويا يعني وفات ڪري ويا.[9] حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو پنهنجو، والد صاحب جو ۽ ڏاڏي سائين جو نالو محمد هو يعني محمد بن محمد بن محمد. حضرت اَيمن ابُوالْبرکات بن محمد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اهو عظيم هستي آهي جنهن جي نسب واري سلسلي ۾ مسلسل 14 پيڙهين تائين ابن ڏاڏن جو نالو محمد آهي[10]

(5) **محمد نالي واري شخص جي برڪت:** مروي آهي ڪجهه ماڻهو ڪنهن معاملي ۾ مشورو ڪرڻ جي لاءِ جمع ٿين ۽ انهن ۾ محمد نالي وارو ڪو شخص به هجي ۽ اهي ان کان مشورو نه وٺن ته انهن کي ان ڪم ۾ ڪاميابي حاصل نه ٿيندي.[11] (6) **پُٽ واري اولاد جي لاءِ عمل:** تابعي بزرگ امام عطا رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو چاهي ته ان جي گهرواري جي حمل ۾ ڇوڪرو ٿئي، ان کي گهرجي ته پنهنجو هٿ(حامله) عورت جي پيٽ تي رکي چوي: "جيڪڏهن ڇوڪرو آهي ته مون ان جو نالو محمد رکيو." اِنْ شَآءَاللّٰه ڇوڪرو ئي پيدا ٿيندو.[12]

(7) اڄڪلهه معاذالله نالو بگاڙڻ جي وَبا عام آهي ۽ محمد جي نالي کي بگاڙڻ نهايت ئي سخت تڪليف جو باعث آهي. تنهنڪري هر مرد جو نالو محمد يا احمد رکو ۽ عرف يعني پڪارڻ جي لاءِ بزرگن جي نالن مان ڪو آسان نالو رکيو وڃي (8) جبريل يا ميڪائيل وغيره نالا نه رکو. فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ملائڪن جي

نالن تي نالو نہ رکو[13] (9) محمد نبي، احمد نبي، نبي احمد نالو رکڻ حرام آهي[14] (10) جڏهن بہ ڪو نالو رکو ان جي معنٰي ڪنهن سني عالم کان پڇي ونو، بري معنٰي وارا نالا نہ رکو مثال طور غفورالدّين جي معنٰي آهي: دين جو مِٽائڻ وارو، اهو نالو رکڻ نهايت برو آهي. برا نالا بري تاثير رکندا آهن جيئن تہ اعلٰي حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون برن نالن جو سخت برو اثر پوندي پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي، چڱي يلي سني ڪي آخري عمر ۾ ”دين لڪائڻ وارو ۽ باطل جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ وارو ڏٺو آهي“[15] (11) نالي جا اثر ايندڙ نسل ۾ بہ اچي سگهن ٿا، ”بهارِشريعت“ جلد 3 صفحي 601 تي حديث نمبر 21 آهي: ”صحيح بخاري“ ۾ سعيد بن مُسَيّب کان مروي آهي چون ٿا: منهنجا ڏاڏا رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) پڇيو: توهان جو نالو ڇا آهي؟ انهن چيو: حُزَن. فرمايائون: اوهان سَهَل آهيو. يعني پنهنجو نالو ”سَهَل“ رکو جو هن جي معنٰي آهي نرم ۽ ”حُزَن“ سخت کي چوندا آهن. انهن چيو جيڪو منهنجو نالو پيءُ رکيو آهي ان کي نہ بدلائيندس. سعيد بن مُسَيَّب چون ٿا: هن جو نتيجو هي نڪتو جو اسان ۾ اڄ تائين سختي موجود آهي[16] (12) **يٰسين** يا **طٰهٰ** نالو رکڻ منع آهي.[17] محمد يٰسين نالو بہ نہ رکو، ها چاهيو تہ غلام يٰسين ۽ غلام طٰهٰ نالو رکي ونو (13) بهارِشريعت حصي 15”عقيقي جو بيان“ ۾ آهي **عبدالله** ۽ **عبدالرحمٰن** تمام سنا نالا آهن پر هن زماني ۾ اڪثر ڏٺو ويندو آهي تہ ان شخص کي عبدالرحمٰن چوڻ بدران **رحمٰن** چوندا آهن ۽ غير خدا کي **رحمٰن** چوڻ حرام آهي. اهڙي ئي طرح **عبدالخالق** کي **خالق** ۽ **عبدالمعبود** کي **معبود** چوندا آهن اهڙي قسم جي نالن ۾ ائين ناجائز ترميم هرگز نہ ڪئي وڃي. اهڙي طرح تمام گهٽ نالن ۾

تَصغير (يعني ننڍو ڪرڻ) جو رواج آهي يعني نالي کي اهڙي طرح بگاڙيندا آهن جنهن سان حقارت نڪرندي آهي ۽ اهڙي نالن ۾ تصغير هرگز نہ ڪئي وڃي تنهنڪري جتي اهو گمان هجي تہ نالن ۾ تصغير ڪئي ويندي اهي نالا نہ رکيا وڃن بيا نالا رکيا وڃن.[18] (14) جيڪي نالا برا هجن انهن کي بدلائي سنا نالا رکيا وڃن چو تہ پنهنجي امت سان پيار ڪرڻ وارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بري نالي کي (سني نالي سان) بدلائي ڇڏيندا هئا.[19] هڪ عورت جو نالو "عاصِيہ" (يعني گنهگار) هو، حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي نالي کي بدلائي جميلہ رکيو[20] (15) اهڙا نالا منع آهن جنهن ۾ پنهنجي واتان پاڻ کي سنو بڌائڻ هجي. سيپاري 27 سورة النّجم آيت 32 ۾ ارشادِ الٰهي آهي: فَلَا تُزَكُّوا أَنْفُسَكُمْ: ترجموڪنزالعرفان: پوءِ توهان پاڻ پنهنجي جانين جي پاڪيزگي بيان نہ ڪيو.

**اعلٰي حضرت** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "فُصُولِ عِمادي" جي حوالي سان لکيو آهي: ڪو هن نالي سان نالو نہ رکي جنهن ۾ تَزْكِيہ يعني پنهنجي وڏائي ۽ تعريف جو اظهار هجي.[21] مسلم شريف ۾ آهي: سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ "بَرَّه" (يعني نيڪ بيبي) نالي عورت جو نالو بدلائي "زينب" رکيو ۽ فرمايو: پاڻ کي سنو نہ بڌايو. الله پاڪ خوب ڄاڻي ٿو تہ توهان مان نيڪوڪار ڪير آهي[22] (16) اهڙا نالا رکڻ جائز نہ آهن جيڪي غير مسلمانن لاءِ مخصوص هجن. **فتاويٰ رضويہ** جلد 24 صفحو 663 کان 664 تي آهي: نالن جي هڪ قسم ڪافرن سان مخصوص آهي جيئن **جِرجِس، پُطْرُس** ۽ **يوحنّا، ڪمار، داس، ڪپور، ديول** وغيره تنهنڪري هن نوع (يعني قسم) جا نالا مسلمانن جي لاءِ رکڻ جائز ناهن چو تہ هن ۾ ڪافرن سان مشابهت پاتي پئي وڃي. **والله تعالٰي اعلم.** (17) **غلام محمد** ۽ **احمد** جان نالا رکڻ جائز آهي پر بهتر اهو ئي آهي تہ غلام يا جان وغيره لفظ نہ

وڏايو وڃي. تہ جيئن **محمد** ۽ احمد نالي جا جيڪي فضائل احاديث مبارڪہ ۾ وارد آهن اهي حاصل ٿين (18) غلام رسول، غلام صدّيق، غلام علي، غلام حسين، غلام غوث، غلام رضا نالو رکڻ جائز آهي.

## ”ٻار جو عقيقو ڪرڻ سنت مبارَڪ آهي“ جي 25 اکرن جي نسبت سان عقيقي جون 25 سنتون ۽ آداب

(1) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”ڇوڪرو پنهنجي عقيقي ۾ گِروي آهي ستين ڏينهن اُن جي طرفان جانور ذبح ڪيو وڃي ۽ اُن جو نالو رکيو وڃي ۽ مٿي جا وار ڪوڙيا وڃن.“[23] گروي ٿيڻ جو مطلب اِهو آهي تہ اُن کان پورو نفعو حاصل نہ ٿيندو جيستائين **عقيقو** نہ ڪيو وڃي ۽ ڪن (مُحَدِّثن) چيو ٻار جي سلامتي ۽ سندس نَشو و نُما (وڌڻ، وڏو ٿيڻ) ۽ منجهس سٺين وصفن (يعني عُمده خوبين) جو هجڻ عقيقي سان وابستہ آهي.[24] (2) ٻار پيدا ٿيڻ جي شڪرا ڻي ۾ جيڪو جانور ذبح ڪيو وڃي تو ان کي **عقيقو** چئبو آهي.[25] (3) جڏهن ٻار پيدا ٿئي تہ مستحب اِهو آهي تہ ان جي ڪن ۾ اذان ۽ اِقامت چئي وڃي، اذان چوڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه بلائون دور ٿي وينديون (4) بهتر اِهو آهي تہ ساڄي ڪن ۾ چار دفعا اذان ۽ کاٻي ڪن ۾ ٽي دفعا اِقامت چئي وڃي (5) گهڻن ماڻهن ۾ اِهو رواج آهي تہ ڇوڪرو پيدا ٿيندو آهي تہ اذان ڏني ويندي آهي ۽ ڇوڪِري پيدا ٿيندي آهي تہ ڪونہ ڏيندا آهن. ائين نہ ڪرڻ گهرجي بلڪ ڇوڪِري پيدا ٿئي تہ بہ اذان ۽ اقامت چئي وڃي. (6) ستين ڏينهن اُن جو نالو رکيو وڃي ۽ اُن جا وار لاٿا وڃن، ۽ مٿي جا وار لاهڻ وقت **عقيقو** ڪيو وڃي. ۽ وارن جو وزن ڪري اوتري چاندي يا سون صدقو ڪيو وڃي.[26] (7) ڇوڪري جي **عقيقي** ۾ ٻہ ٻڪر ۽ ڇوڪِريءَ جي ۾ هڪ ٻڪري ذبح

ڪئي وڃي يعني ڇوڪري جي عقيقي ۾ نر ۽ ڇوڪرِيءَ ۾ مادي مناسب آهي، ۽ ڇوڪري جي عقيقي ۾ ٻڪريون ۽ ڇوڪرِيءَ جي ۾ ٻڪر ڪيائين تہ بہ حرج ناهي.[27] (8) (پٽ جي لاءِ ٻن جي) طاقت نہ هجي تہ هڪ بہ ڪافي آهي.[28] (9) قرباني جي اُٺ وغيره ۾ عقيقي جي شرڪت ٿي سگهي ٿي (10) عقيقو فرض يا واجب ناهي صرف مُستَحب سنّت آهي. (جيڪڏهن گنجائش هجي تہ ضرور ڪرڻ گهرجي، نہ ڪري تہ گناهہ ناهي، باقي عقيقي جي ثواب کان محرومي آهي) غريب ماڻهو کي هرگز اِهو جائز ناهي تہ وياج تي پئسا کڻي عقيقو ڪري.[29] (11) ٻار جيڪڏهن ستين ڏينهن کان پهرين ئي مري ويو تہ اُن جو **عقيقو** نہ ڪرڻ سان ان جي شفاعت وغيره تي ڪو بہ اثر نہ پوندو ڇوتہ هو **عقيقي** جو وقت اچڻ کان پهرين ئي گذاري ويو. ها جنهن ٻار **عقيقي** جو وقت پاتو يعني ست ڏينهن جو ٿيو ۽ بنا عذر شرعي، طاقت هجڻ جي باوجود اُن جو عقيقو نہ ڪيو، تہ اُن جي لاءِ اِهو آيو آهي تہ اُهو پنهنجي ماءُ پيءُ جي شفاعت نہ ڪري سگهندو.[30] (12) عقيقو ولادت (BIRTH) جي ستين ڏينهن سنت آهي، ۽ اِهو ئي افضل آهي، نہ تہ **چوڏهين**، يا **ايڪيهين** ڏينهن تي.[31] ۽ جيڪڏهن ستين ڏينهن نہ ڪري سگهو تہ جڏهن چاهيو ڪري سگهو ٿا، **سنّت** ادا ٿي ويندي.[32] (13) جنهن جو **عقيقو** نہ ٿيو هجي، اهو جواني، پوڙهائپ ۾ بہ **عقيقو** ڪري سگهي ٿو.[33] جيئن رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اعلان نبوت کان پوءِ پاڻ پنهنجو عقيقو ڪيو.[34] (14) ڪجهہ عالمن سڳورن اهو چيو تہ ستين يا چوڏهين يا ايڪيهين ڏينهن يعني ستن ڏينهن جو لحاظ رکيو وڃي اِهو بهتر آهي ۽ ياد نہ رهي تہ هيئن ڪري، جنهن ڏينهن ٻار پيدا ٿيو اُن ڏينهن کي ياد رکو ۽ اُن کان هڪ ڏينهن پهرين وارو ڏينهن اچي تہ اُهو ستون ڏينهن هوندو، مثال طور، جمعي جي ڏينهن پيدا ٿيو تہ (زندگي جي هر) خميس (اُن جو

**ستون ڏينهن** آهي.[35] جيڪڏهن ولادت جو ڏينهن ياد نہ هجي تہ جڏهن چاهيو ڪري ڇڏيو (15) ٻار جي مٿي جا وار لاهڻ ڪان پوءِ زعفران پيهي مٿي تي لڳائڻ بهتر آهي.[36] (16) بهتر اِهو آهي تہ عقيقي جي جانور جي هڏي نہ ٽوڙي وڃي بلڪ هڏين تان گوشت لاٿو وڃي، اِهو ٻار جي سلامتي جي لاءِ سٺي فال آهي ۽ هڏي ٽوڙي گوشت ٺاهيو ويو تڏهن بہ ڪو حرج ناهي. گوشت کي جنهن نموني چاهيو پچائي سگهو ٿا پر مٺو پچايو وڃي تہ ان ۾ ٻار جا اخلاق سٺا ٿيڻ جي فال آهي.[37] (17) **مٺو گوشت ٺاهڻ جا ٻہ طريقا:** ﴿1﴾ هڪ ڪلو گوشت، اڌ ڪلو مٺي دهي، ست عدد ننڍا ڦوٽا، 50 گرام بادام، ضرورت مطابق گيهہ يا تيل سڀئي ملائي پچايو، پَچڻ کان پوءِ ضرورت مطابق چاشني وجهو. خوبصورتي جي لاءِ گجر جا ننڍا ٽڪر ڪري ۽ پڻ ڪشمش وغيره بہ وجهي سگهجي ٿي ﴿2﴾ هڪ ڪلو گوشت ۾ اڌ ڪلو چقندر وجهي معمول مطابق پچايو (18) عوام ۾ اِهو گهڻو مشهور آهي تہ عقيقي جو گوشت ٻار جا ماءُ پيءُ ۽ ڏاڏو ڏاڏي ۽ نانو ناني نہ کائن اهو غلط آهي، ان جو ڪوبہ ثبوت ناهي.[38] (19) ان جي کل جو اهو ئي حڪم آهي جيڪو قرباني جي کل جو، پنهنجي استعمال ۾ آڻي يا مسڪينن کي ڏي يا ڪنهن ٻئي نيڪ ڪم مسجد يا مدرسي ۾ صرف ڪري.[39] (20) عقيقي جي جانور ۾ اُهي ئي شرط آهن جيڪي قرباني جي جانور جي لاءِ هوندا آهن. ان جو گوشت فقيرن ۽ عزيزن، مٽن مائٽن ۽ دوستن احبابن ۾ ڪچو ورهايو وڃي يا پچائي ڏنو وڃي يا انهن کي مهماني طور کارايو وڃي اِهي سڀئي صورتون جائز آهن.[40] (21) (عقيقي جو گوشت) سِرڻ، ڪانءُ کي کارائڻ بي معنيٰ آهي، اهي (سرڻ ۽ ڪانءُ) فاسق آهن.[41] (22) **عقيقو** ولادت جو شڪرانو آهي، تنهنڪري مرڻ کان پوءِ عقيقو

نتو تي سگهي (23) ڇوڪري جي عقيقي ۾ پيءُ ذبح ڪري ته دعا هن طرح پڙهي:

اَللّٰهُمَّ هٰذِهٖ عَقِيْقَةُ ابْنِیْ فُلَانٍ، دَمُهَا بِدَمِهٖ وَلَحْمُهَا بِلَحْمِهٖ، وَعَظْمُهَا بِعَظْمِهٖ وَجِلْدُهَا بِجِلْدِهٖ، وَشَعْرُهَا بِشَعْرِهٖ، اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهَا فِدَاءً لِابْنِیْ مِنَ النَّارِ ' بِسْمِ اللهِ اَللهُ اَكْبَرُ۔

فُلَانٍ جي جڳهه تي پٽ جو جيڪو نالو رکندو اُهو وٺي، ڌيءَ هجي ته اِبْنِیْجي جاءِ تي بِنْتِیْ ۽ پنجن ئي جاين تي ”ہٗ“ جي جڳهه ”هَا“ چوي. ۽ ٻيو شخص ذبح ڪري ته ٻنهي جاين تي اِبْنِیْ فُلَان يا بِنْتِیْ فُلَان جي جاءِ تي فُلَان اِبنِ فُلَان يا فُلَانَه بِنتِ فُلَان چوي. ڇوڪري جي اُن جي پيءُ ۽ ڇوڪريءَ جي اُن جي ماءُ ڏانهن نسبت ڪري.[42] (24) جيڪڏهن دعا ياد نه هجي ته بنا دعا پڙهڻ جي دل ۾ اهو خيال ڪري ته فلاڻي ڇوڪري يا فلاڻي ڇوڪريءَ جو عقيقو آهي، بِسْمِ اللهِ اَللهُ اَكْبَرُ پڙهي ذبح ڪري، **عقيقو** تي ويندو، عقيقي جي لاءِ دعا پڙهڻ ضروري ناهي.[43]
(25) اڄڪلهه عام طور عقيقي جي لاءِ دعوت جو انتظام ڪري عزيزن، مائٽن کي گهرايو ويندو آهي جيڪو هڪ سنو عمل آهي ۽ شرڪت ڪرڻ واري پار جي لاءِ تحفا آڻيندا آهن اِهو به ٺيڪ ڪم آهي. البت هتي ڪجهه تفصيل آهي: جيڪڏهن مهمان ڪو تحفو نه آڻي ته ڪڏهن ڪڏهن ميزبان يا سندس گهر وارا مهمان جي گلا ڪرڻ جي گناهه ۾ مبتلا ٿيندا آهن، ته جتي يقيني طور تي يا غالب گمان سان اهڙي صورتحال هجي اُتي مهمان کي گهرجي ته بنا مجبوري جي نه وڃي، ضرورتًا وڃي ۽ تحفو ڪٽي وڃي ته حرج ناهي، البت ميزبان هن نيّت سان ورتو ته جيڪڏهن مهمان تحفو نه آڻي ها ته هي يعني ميزبان هِن (مهمان) جون برائيون بيان ڪري ها يا بطور خاص نيّت ته ناهي پر هِن (ميزبان) جو اهڙو بُرو معمول آهي ته جتي هِن (يعني ميزبان کي) غالب گمان هجي ته آڻيندڙ انهيءَ طور تي يعني (ميزبان جي) شر کان بچڻ جي لاءِ آندو اٿس ته هاڻي وٺندڙ ميزبان گنهگار ۽

عذاب نار جو حقدار آهي ۽ هي تحفو اُن جي حق ۾ **رشوت** آهي. ها جيڪڏهن برائي بيان ڪرڻ جي نيت نہ هجي ۽ نہ هِن جو اهڙو برو معمول هجي تہ تحفو قبول ڪرڻ ۾ حرج ناهي.

## اِثمِد“ جي چئن اکرن جي نسبت سان سرمو لڳائڻ جا چار مدني گل

﴿1﴾ **فرمانِ مصطفٰي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”سيني سرمن مان بهتر سرمو ”اِثمِد“ آهي جوتہ هي نظر کي روشن ڪندو ۽ پلڪون وڌائيندو آهي.“ [44] ﴿2﴾ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل زينت جي قصد (يعني زينت جي ارادي) سان مرد کي لڳائڻ مڪروھ آهي ۽ زينت جو ارادو نہ هجي تہ ڪراهت ناهي. [45] ﴿3﴾ سرمو رات جو سمهڻ مهل استعمال ڪرڻ سنّت آهي. [46] ﴿4﴾ سرمي استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيش خدمت آهي: (1) ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کاٻي ۾ ٻہ، (3) تہ ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻہ ٻہ ۽ وري آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو. [47] اهڙي طرح ڪرڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه ٽنهي طريقن تي عمل ٿيندو رهندو. **اي عاشقانِ رسول!** عزت ۽ بزرگي جا جيترا بہ ڪم هوندا هئا اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا، تنهنڪري پهريان سرمو ساڄي اک ۾ پوءِ کاٻي اک ۾ پايو

## زُلف رکڻ حضور ڪريم جي سنت آهي“ جي ٻاويھ اکرن جي نسبت سان زلفن ۽ مٿي جي وارن وغيره جون 22 سنتون ۽ آداب

(1) **خاتم المُرسَلين، رحمة لِّلعٰلمِين** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا مبارڪ زُلف ڪڏهن اڌ ڪن مبارڪ تائين تہ (2) ڪڏهن ڪن مبارڪ جي لَو (يعني

پاپڙي) ۾ (3) ڪڏهن ڪڏهن وڏي ويندا هئا ته مبارڪ ڪُلهن کي جهومندي چمڻ لڳندا هئا [48] (4) اسان کي گهرجي ته موقعو ملڻ تي ٿئي سنتون ادا ڪيون يعني ڪڏهن اڌ ڪن، ته ڪڏهن سجي ڪن، ته ڪڏهن ڪلهن تائين زلفَ رکون (5) ڪلهن کي ڇُهڻ جي حد تائين زلف وڌائڻ واري سنّت جي ادائيگي عمومًا نفس لاءِ مشڪل هوندي آهي پر زندگي ۾ هڪ اڌ ڀيري ته هر هڪ کي سنت ادا ڪرڻ گهرجي، البت اهو خيال رکڻ ضروري آهي وار ڪلهن کان هيٺ نه وڃن، پاڻي ۾ پُسڻ کان پوءِ زُلفن جي ڊيگهه چڱي طرح ظاهر ٿيندي آهي، تنهنڪري جڏهن وار وڌايو انهن ڏينهن ۾ غسل کان پوءِ ڦٽي ڏئي خوب غور ڪيو ته زُلفَ ڪلهن کان هيٺ ته نه ٿا وڃن (6) منهنجا آقا **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا: عورتن وانگر ڪلهن کان هيٺ وار رکڻ مرد جي لاءِ حرام آهن [49] (7) حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مرد کي اهو جائز نه آهي ته عورتن وانگر وار وڌائي، ڪجهه صوفي سڏائيندڙ وڏيون وڏيون چوٽيون وڌائيندا آهن جيڪي انهن جي سيني تي نانگن وانگر هيڏي هوڏي ٿينديون آهن ۽ ڪجهه چوٽيون به ٻڌندا آهن ۽ جوڙو (يعني عورتن وانگر وار ڪنڌ تي ڳڏ ڪري ڳنڍ) لڳائيندا آهن اهو ناجائز ڪم ۽ شريعت جي خلاف آهي، تَصَوُّف وڏا وار رکڻ رنگين ڪپڙا پائڻ جو نالو ناهي، بلڪ حُضورِ اَقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيروي ۽ نفس جي خواهشن کي ختم ڪرڻ جو نالو آهي. [50] (8) عورت جو مٿو ڪوڙائڻ حرام آهي. [51] (9) عورت کي مٿي جا وار ڪتائڻ جيئن اڄوڪي زماني ۾ عيسائي عورتون ڪوڙائن ٿيون اهو ناجائز ۽ گناهه آهي ۽ اهڙين عورتن تي لعنّت آئي آهي. مڙس ائين ڪرڻ جو چوي تڏهن به اهو ئي حڪم آهي جو عورت ائين ڪرڻ ۾ گنهگار ٿيندي ڇوته شريعت جي نافرماني ڪرڻ ۾ ڪنهن

(يعني ماءُ پيءُ ۽ مڙس) جو چوڻ نہ مڃيو ويندو[52] ننڍڙين ٻارڙين جا وار بہ مرداڻي انداز سان نہ ڪٽايو، ننڍپڻ کان ئي انهن کي زنانہ وار رکڻ جو ذهن ڏيو (10) ڪجهہ ماڻهو ڪاپي يا ساڄي پاسي سينڌ ڪيندا آهن اهو سنّت جي خلاف آهي (11) سنّت هي آهي تہ جيڪڏهن مٿي جا وار هجن تہ وچ مان سينڌ ڪڍي وڃي.[53] (12) مرد کي اختيار آهي تہ مٿي جا وار کوڙائي يا وڌائي ۽ سينڌ ڪڍي.[54] (13) حضور اقدس صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان ٻئي شيون ثابت آهن. جيتوڻيڪ کوڙائڻ صرف اِحرام کان ٻاهر ٽيڻ وقت ثابت آهي، ٻين وقتن ۾ کوڙائڻ ثابت ناهي[55] (14) اڄڪلهہ قينچي يا مشين جي ذريعي وارن کي مخصوص نموني تي ڪٽي وڏا تہ ڪٽي ننڍا ڪري ڇڏبا آهن اهڙا وار رکڻ سنت ناهي (15) فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن جا وار هجن اهو انهن جو اِڪرام ڪري.[56] يعني ان کي ڌوئي تيل لڳائي ۽ ڦڻي ڪري (16) حضرت سيّدنا **ابراهيم خليلُ الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام سڀ کان پهريان مُڇن جا وار ڪٽيا ۽ سڀ کان پهريان سفيد وار ڏٺو تہ عرض ڪيائون: اي ربّ! اهو ڇا آهي، الله پاڪ فرمايو: اي ابراهيم اهو وقار آهي، عرض ڪيائون: اي ربّ منهنجو وقار زياده ڪر[57] مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: پاڻ کان پهريان ڪنهن نبي جون يا تہ مڇيون وڌيون نہ يا وڌيون تہ انهن ڪٽايون، پر انهن جي دينن ۾ مڇيون ڪٽڻ جو شرعي حڪم نہ هو هاڻي سنڌن جي ڪري هي عمل سنت ابراهيمي ٿيو.[58] (17) ٻُڇي (يعني اهي وار جيڪي چپ جي هيٺ ڪاڏي جي وچ ۾ هوندا آهن) ان جي آس پاس جا وار ڪٽائڻ يا اکيڙڻ بدعت آهي[59] (18) ڪياڙي جا وار کوڙائڻ مڪروھ آهي[60] يعني جڏهن مٿي جا وار نہ کوڙايو صرف ڪياڙي جا وار کوڙايو، جيئن ڪجهہ ماڻهو خط

ناهڻ مهل ڪياڙي جا وار بہ ڪوڙائيندا آهن ۽ جيڪڏهن سڄي مٿي جا وار ڪوڙايا تہ ان سان گڏ ڪياڙي جا وار بہ ڪوڙائي ڇڏيو(61) (19) چار شين جي متعلق حڪم هي آهي تہ دفن ڪيون وڃن، وار، ننهن، حيض جو ڪپڙو (يعني اهو ڪپڙو جنهن سان عورت حيض جو رت صاف ڪري)، ۽ رت (62) (20) مرد کي ڏاڙهي يا مٿي جي اڇن وارن کي ڳاڙهو يا هيڊو رنگ ڪرڻ مُستَحب آهي ان جي لاءِ ميندي لڳائي سگهجي ٿي (21) ڏاڙهي يا مٿي تي ميندي لڳائي سمهڻ سان مٿي وغيره جي گرمي اکين ڏانهن اچي ويندي جيڪا نظر جي لاءِ مُضِرّ (يعني نقصان ڪار) آهي، حڪيم جي ڳالھ جي تصديق ائين بہ ٿي جو هڪ دفعي سگِ مدينہ عُفِيَ عنه وٽ هڪ نابين شخص آيو ان ٻڌايو مان پيدائشي اَنڌو ناهيان، افسوس مٿي تي ميندي هٽي ستس، پوءِ جڏهن بيدار ٿيس تہ منهنجي اکين جو نور ختم ٿي چڪو هو (22) ميندي لڳائڻ واري جي مُڇَن، چَپن جي هيٺان ڏاڙهي جي خط جي ڪناري طرف وارن جي اپاڙ ڪجھ ڏينهن ۾ ظاهر ٿيڻ لڳي ٿي جيڪا ڏسڻ ۾ سٺي نٿي لڳي، لهٰذا جيڪڏهن هر هر سڄي ڏاڙهي نئا رنگي سگهو تہ ڪوشش ڪريو هر چار ڏينهن ڪان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ ان جڳهين تي جتي جتي اپاڙ نظر ايندي هجي ٿوري ميندي لڳايو.

## ”عمامو شريف ٻڌڻ سرڪار جي سنت آهي“ جي پنجويهن اکرن جي نسبت سان عمامي جا 25 مدني گل

**ست فرامين مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1) عمامي سان ٻہ رڪعتون نماز (پڙهڻ) بغير عمامي جي ستر 70 رڪعتن کان افضل آهي.(63) (2) ٽوپي تي عمامو اسان ۽ مشرڪن جي وچ ۾ فرق آهي، هر وَرُ جيڪو مسلمان پنهنجي مٿي تي ڏيندو ان کي قيامت جي ڏينهن هڪ نور عطا ڪيو ويندو.(64) (3) بيشڪ الله پاڪ ۽ ان جا فرشتا

درود موڪليندا آهن جمعي جي ڏينهن عمامي وارن تي.[65] (4) عمامي سان نماز ڏهه هزار نيڪين جي برابر آهي.[66] (5) عمامي سان ڳڌ هڪ جمعو بغير عمامي جي ستر جمعن جي برابر آهي.[67] (6) عمامه عرب جا تاج آهن تہ عمامو ٻڌو توهان جو وقار وڌندو ۽ جيڪو عمامو ٻڌندو ان جي لاءِ هر وَر تي هڪ نيڪي آهي.[68] (7) عمامو ٻڌو توهان جو حلم وڌندو.[69] حديث جي شرح: يعني عمامو ٻڌڻ سان توهان جو حلم(يعني قوتِ برداشت) وڌندو ۽ توهان جو سينو ڪشادو ٿيندو ڇو تہ ظاهري حليي جو سنو هئڻ انسان کي سنجيده ۽ با وقار بڻائيندو ۽ جزباتي هجڻ ۽ نِيچ حرڪتن کان بچائيندو آهي.[70] (8) ”**بهار شريعت**“ جلد 3 صفحي 660 تي آهي: عمامو بيهي ڪري ٻڌو ۽ پاجامو ويهي پايو، جنهن ان جو اُلٽ ڪيو (يعني عمامو ويهي ٻڌو ۽ پاجامو بيهي پاتائين) اهو اهڙي بيماري ۾ مبتلا ٿيندو جنهن جي ڪا دوا ناهي(يعني طبيبن کي دوا جو علم ناهي) (9) ٻَڌڻ کان پهرين رڪي وڃو ۽ سنيون سنيون نيتون ڪيو نہ تہ جيڪڏهن هڪ بہ سٺي نيت نہ هئي تہ ثواب نہ ملندو، تنهنڪري گهٽ ۾ گهٽ هڪ نيت ڪري ونو تہ رضاءِ الٰهي جي لاءِ سنت طور عمامو ٻَڌان ٿو (10) مناسب هي آهي تہ عمامي جو پهريون وَر مٿي جي ساڄي پاسي وڃي[71] (11) الله پاڪ جي آخري رسول صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ عمامي جو شِملو عموماً پني مبارڪ جي پنيان هوندو هو ۽ ڪڏهن ساڄي پاسي، ڪڏهن ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ بہ شِملہ هوندا هئا، ڪابي پاسي شِملو لٽڪائڻ خلاف سنت آهي.[72] (12) عمامي جي شِملي جي مقدار گهٽ مان گهٽ چار آڱر ۽ (13) وڌ مان وڌ (اڌ پني تائين يعني تقريباً) هڪ هٿ[73] (وچين آڱر جي چوٽي کان نونٽ تائين جي ماپ هڪ هٿ چئبي) (14) عمامو قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي ٻڌو.[74] ”**مرآت شريف**“ ۾ آهي: عمامو بيهي ٻڌڻ سنت آهي مسجد ۾ ٻڌو يا ڪنهن بي جڳهہ[75] (15) عمامي ۾ سنت هي آهي تہ اداءِ گز

ڪان گھٽ نہ ھجي، نہ ڇھہ گز کان وڌيڪ، ۽ ان جو ٻَڌڻ **گُنبذ وانگر** ھجي.[76] (16) رومال جيڪڏھن ايترو وڏو ھجي جيڪو مٿي کي چڱي طرح ڍڪي تہ اھو عمامو ئي ٿي ويو ۽ (17) ننڍو رومال جنھن سان صرف ھڪ ٻہ وَر اچي سگھن ٻَڌڻ مڪروھ آھي.[77] (18) عمامي کي جڏھن نئي سري سان ٻڌڻو ھجي تہ جيئن ٻڌل آھي ائين ئي کوليو ۽ يڪدم زمين تي نہ اُڇلايو.[78] (19) جيڪڏھن ضرورتاً لاٿو، ۽ ٻيھر ٻَڌڻ جي نيّت ھجي تہ ھڪ ھڪ پيچ کولڻ تي ھڪ ھڪ گناھ مٽايو ويندو.[79] **عمامي جا ڇھہ طبي فائدا ملاحظہ فرمايو:** (20) **مٿي اگھاڙو** رھڻ وارن جي وَارن تي سردي گرمي ۽ اُس وغيره سڌو سنئون (DIRECT) اثر ڪندي آھي ان سان نہ صرف وار بلڪ دماغ ۽ چھرو بہ متاثر ٿيندو آھي ۽ صحت کي نقصان پھچي سگھي ٿو، تنھنڪري سنت جي پيروي جي نيت سان عمامو شريف ٻڌڻ ۾ ٻنھي جھانن ۾ عافيّت آھي (21) طِبّي تحقيق مطابق مٿي جي سور لاءِ عمامو شريف پائڻ تمام گھڻو فائديمند آھي (22) عمامو شريف پائڻ سان دماغ کي قوت ملندي ۽ حافظو مضبوط ٿيندو آھي (23) عمامو شريف ٻڌڻ سان دائمي نزلو ناھي ٿيندو يا ٿيندو بہ آھي تہ ان جا اثرات گھٽ ھوندا آھن (24) عمامي شريف جو شِملو ھيٺين ڌڙ جي فالج وغيره کان بچائي ٿو جو تہ شِملو حرام مغز کي موسمي اثرن مثلاً سردي گرمي وغيره کان تحفظ فراھم ڪندو آھي (25) شِملو ”سَرسام“ جي مرض جو خطرو گھٽ ڪندو آھي. دماغ جي وَرَم (يعني سوڄ) جي مرض کي سرسام چوندا آھن.

## ”مندي پائڻ جا ضروري احڪام“ جي اٺويھ اکرن جي نسبت سان مندي پائڻ جون 19 سنتون ۽ آداب

(1) مرد کي سون جي مندي پائڻ **حرام** آھي. **سروَرِ ذيشان، رحمتِ عالمِيان** صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سون جي مندي پائڻ کان منع فرمايو آھي.[80]

(2) نابالغ (يعني تمام ننڍي) ڇوڪر کي ٻہ سون جا زيور پارائڻ حرام آهي ۽ جنھن پارايا اھو گنھگار ٿيندو، ائين ٻارن جي ھٿ پيرن تي بلا ضرورت ميندي لڳائڻ **ناجائز آهي**. عورت پنھنجي ھٿن پيرن تي ميندي لڳائي سگھي ٿي، پر ڇوڪرن کي لڳائيندي تہ گنھگار ٿيندي.[81] (3) **لوھ** جي منڊي جھنّمين جو زيور آهي.[82] (4) مرد جي لاءِ اھا ئي منڊي جائز آهي جيڪا مردن جي منڊي وانگر ھجي يعني رڳو ھڪ نگيني جي ھجي ۽ جيڪڏھن ان ۾ (ھڪ کان وڌيڪ يا) گھڻا نگينا ھجن تہ پوءِ کڻي چاندي جي ھجي مَردن لاءِ ناجائز آهي[83] (5) بغير نگيني واري منڊي پائڻ ناجائز آهي جو ھي منڊي ناھي، ڇلو آهي (6) حُروفِ مُقطّعَات واري منڊي پائڻ جائز آهي پر حُروفِ مُقطّعات واري منڊي بغير وضو پائڻ ۽ ھٿ لڳائڻ يا مصافحو ڪندي مھل ھٿ ملائڻ واري جو منڊي کي بي وضو ھٿ لڳائڻ جائز ناھي (7) اھڙي طرح مردن لاءِ ھڪ کان وڌيڪ (جائز واري) منڊي پائڻ يا (ھڪ يا ھڪ کان وڌيڪ) ڇلو پائڻ بہ **ناجائز آهي** جو ھي (ڇلو) منڊي ناھي، عورتون ڇلو پائي سگھن ٿيون.[84] (8) چاندي جي ھڪ منڊي ھڪ نگ واري جيڪا وزن ۾ ساڍا چار ماشہ (يعني چار گرام 374 ملي گرام) کان گھٽ ھجي پائڻ جائز آهي جيتوڻيڪ مُهَر (يعني ٺپي) جي لاءِ نہ ھجي پر ان جو ترڪ (يعني جنھن کي اسٽامپ جي ضرورت نہ ھجي ان جي لاءِ جائز منڊي بہ نہ پائڻ) **افضل** آهي مُهر جي غرض کان نہ صرف جائز بلڪ **سنت** آهي، ھا تڪبُّر يا زنانو سينگار (ليڊيز اسٽائل جو فيشن) يا ٻي ڪنھن غرضِ مَذمُوم (يعني قابل مَذمت مقصد) نيّت ۾ ھجي تہ رڳو منڊي ئي نہ بلڪ انھيءَ نيّت سان سٺا ڪپڙا پائڻ بہ جائز ناھن.[85] (9) عيدن تي مرد لاءِ چاندي واري جائز منڊي پائڻ مُستَحب آهي.[86] پر مرد اھا ئي جائز منڊي پائي (10) منڊي انھن ئي لاءِ سنّت آهي جن کي مُهَر (يعني اسٽامپ Stamp لڳائڻ) جي حاجت ھجي

جيئن سلطان، قاضي ۽ عالم جيڪي فتوَن تي استامپ لڳائن ٿا، ان ڪان علاوه ٻين جي لاءِ سنّت ناهي باقي پائڻ جائز آهي.[87] اڄڪلهه منڊي سان نيو لڳائڻ جو عرف (يعني رواج) ناهي، بلڪ ان لاءِ ”استام“ ٺاهيو ويندو آهي، لِهٰذا جن کي نيو نه لڳائڻو هجي ان قاضي وغيره جي لاءِ منڊي پائڻ سنّت نه رهي (11) مرد کي گهرجي ته منڊي جو نگينو تري واري پاسي رکي ۽ عورت نگينو هٿ جي پوئين پاسي رکي.[88] (12) چاندي جو ڇلو خاص زنانو سينگار آهي، مردن جي لاءِ مَڪرُوهه (تحريمي ناجائز ۽ گناهه آهي)[89] (13) عورت سون چاندي جون جيتريون منڊيون ۽ ڇلا چاهي پائي سگهي ٿي هن ۾ وزن ۽ نگينن جو تعداد مقرر ناهي (14) لوهه جي منڊي تي چاندي جو ڪَور چڙهايو جو لوهه بلڪل ڏسڻ ۾ نه اچي ته ان منڊي جو پائڻ مرد توڙي عورت ٻنهي کي منع نه آهي.[90] (15) ٻنهي مان ڪنهن به هڪ هٿ ۾ منڊي پائي سگهو ٿا ۽ سڀ کان ننڍي آڱر ۾ پائڻ گهرجي.[91] (16) منٽ يا دم ڪيل ڌاتو (Metal) جو ڪڙو به مرد کي پائڻ ناجائز ۽ گناهه آهي (17) اهڙي طرح مديني پاڪ يا اجمير شريف جا ڇلا ۽ اسٽيل جي منڊي به جائز ناهي (18) بواسير (يعني موڪن جي بيماري) ۽ ٻين بيمارين جي لاءِ دم ڪيل چاندي جا ڇلا به مردن لاءِ جائز نه آهن (19) جيڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀاءُ کي ڌاتو جو ڇلو، ناجائز منڊي يا ڌاتو جي زنجير (Chain-Bracelet) پاتل آهي ته هينئر جو هينئر لاهي ڇڏيو، توبهه به ڪري ڇڏيو ۽ آئنده نه پائڻ جو عهد به ڪيو.

# حوالاجات

(1) اَلْفِرْدَوس ۲/۵۸حدیث ۲۳۲۹ (2) ابوداؤد ۴/۳۷۴حدیث ۴۹۴۸ (3) بہارِ شریعت ۳/۶۵۳ (4) دُرِّ مختار ۳/۱۵۴،۱۵۳، بہارِ شریعت ۱/۸۴۱ (5) اَلْفِرْدَوس ۲/۳۰۸حدیث ۳۳۹۲ (6) جَمْعُ الْجَوامع ۷/۲۹۵حدیث ۲۳۲۵۵ (7) فتاوٰی رضویہ ۲۴/ ۶۸۷، اَلْفِرْدَوس ۵/۵۳۵حدیث ۹۰۰۶ (8) الطبقات الکبری لابن سعد ۵/۴۰ (9) مُلَخَّص از فتاوٰی رضویہ ۲۴/۶۸۹ (10) الدررالکامنۃ ۱/۴۳۱رقم الترجمہ ۱۱۳۴ (11) حاشیۃالحفنی علی الجامع الصغیر ۱/۱۴۹ (12) فتاوٰی رِضویہ ۲۴/۶۹۰بتغیر قلیل(13) شُعَبُ الْاِیمان ۶/۳۹۴حدیث ۸۶۳۶ (14) مُلَخَّص از فتاوٰی رضویہ ۲۴/ ۶۷۷ (15) مُلَخَّص از فتاوٰی رضویہ ۲۴/۶۸۱۔۶۸۲ (16) بُخاری ۴/۱۵۳حدیث ۶۱۹۳ (17) فتاوٰی رضویہ ۲۴/۶۸۰ (18) بہارِ شریعت ۳/۳۵۶ (19) تِرمِذی ۴/ ۳۸۲ حدیث ۲۸۴۸ (20) مسلم ص ۱۱۸۱ حدیث ۲۱۳۹ (21) فتاوٰی رضویہ ۲۴/۶۸۴ (22) مسلم ص ۱۱۸۲ حدیث ۲۱۴۲ (23) تِرمِذی ۳/ ۱۷۷حدیث ۱۵۲۷ (24-25-26-27) بہارِ شریعت ۳ / ۳۵۴، ۳۵۵، ۳۵۵، ۳۵۷ (28) فتاوٰی رضویہ ۲۰/۵۸۶ (29) اسلامی زندگی ص ۲۷ (30-31) فتاوٰی رضویہ ۲۰/۵۸۶،۵۹۶ (32) بہارِ شریعت ۳/۳۵۶ (33) فتاوٰی رضویہ ۲۰/ ۵۸۸ (34) مُصَنَّف عبدالرزاق ۴/۲۵۴ حدیث ۲۱۷۴ (35) بہارِ شریعت ۳/۳۵۶ (36) بہارِ شریعت ۳/۳۵۷ (37) بہارِ شریعت ۳/۳۵۷ (38-39) بہارِ شریعت ۳/۳۵۷ (40) بہارِ شریعت ۳/۳۵۷ (41) فتاوٰی رضویہ ۲۰/ ۵۹۰ (42) مُلَخَّص از فتاوٰی رضویہ ۲۰/۵۸۵ (43) جنّتی زیور ص ۳۲۳ (44) ابن ماجہ ۴/۱۱۵حدیث ۳۴۹۷ (45) فتاوٰی ہندیہ، ۵/۳۵۹ (46) مراٰۃ المناجیح ۶/۱۸۰ (47) انظر: شُعَبُ الْاِیمان ۵/۲۱۸۔۲۱۹ (48) الشمائل المحمدیۃ للترمذی ص ۱۸، ۳۵، ۳۴ (49) تسہیلاً فتاوٰی رضویہ ۲۱/۶۰۰ (50) بہارِ شریعت ۳/۵۸۷ (51) خلاصہ از فتاوٰی رضویہ ۲۲/۶۶۴ (53-52) بہارِ شریعت ۳/۵۸۸ (54) رَدُّالْمُحتار ۹/۶۷۲ (55) بہارِ شریعت ۳/۵۸۶ (56) ابوداؤد ۴/ ۱۰۳حدیث ۴۱۶۳ (57) موطّا ۲/ ۴۱۵ حدیث ۱۷۵۶ (58) مراٰۃ ۶/۱۹۳ (60-59) عالمگیری ۵/۳۵۷،۳۵۸ (62-61) بہارِ شریعت ۳/۵۸۷،۵۸۸، عالمگیری ۵/۳۵۸ (63) اَلْفِرْدَوس ۲/۲۶۵ حدیث ۳۲۳۳ (64) اَلْجامعُ الصَّغِیر ص ۳۵۳حدیث ۵۷۲۵ (65) اَلْفِرْدَوس ۱/۱۴۷ حدیث ۵۲۹ (66) اَلْفِرْدَوس بمأثور الْخِطاب ۲/۴۰۶ حدیث ۳۸۰۵، فتاوٰی رضویہ مُخَرَّجہ ۶/۲۱۳ (67) ابن عساکر ۳۷/۳۵۵ (68) کنزُالْعُمّال ۱۵/۱۳۳رقم ۴۱۱۳۸ (69) مستدرک ۵/۲۷۲حدیث ۷۴۸۸ (70) فیض القدیر ۱/۷۰۹ تحت الحدیث ۱۱۴۲ (71) فتاوٰی رضویہ ۲۲/ ۱۹۹ (72) اشعۃاللّمعات ۳/ ۵۸۲ (73) فتاوٰی رضویہ ۲۲/۱۸۲ (74) کَشْفُ الاِلتِباس فِی اِستِحْبابِ اللِّباس ص ۳۸ (75) مراٰۃ المناجیح ۶/ ۱۰۶ (76) فتاوٰی رضویہ ۲۲/۱۸۶ (77) فتاوٰی رضویہ مُخَرَّجہ ۷/ ۲۹۹ (78) عالمگیری ۵/۳۳۰ (79) مُلَخَّص از فتاوٰی رضویہ مُخَرَّجہ ۶/ ۲۱۴ (80) بُخاری ۴/۶۷ حدیث ۵۸۶۳ (81) بہارِ شریعت ۳/۴۲۸، دُرِّمختار و رَدُّالْمُحتار ۹/۵۹۸ (82) ترمذی ۳/۳۰۵ حدیث ۱۷۹۲ (83) رَدُّالْمُحتار ۹/ ۵۹۷ (84) بہارِ شریعت ۳ / ۴۲۸ (85) فتاوٰی رضویہ ۲۲/۱۴۱ (86) بہارِ شریعت ۱/ ۷۷۹، ۷۸۰ (87) عالمگیری ۵ / ۳۳۵ (88) الہدایۃ ۴/ ۳۶۷ (89) فتاوٰی رضویہ ۲۲/۱۳۰ (90) عالمگیری ۵/۳۳۵ (91) رَدُّالْمُحتار ۹/ ۵۹۶

# الله پاڪ
# جا پسنديده نالا

فرمان آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

”توهان جي نالن مان الله پاڪ جي نزديڪ سيني کان وڏيڪ پسنديده نالا عبدالله ۽ عبدالرحمٰن آهن۔“

(مُسلم شريف ص ٩٠٨،
حديث:٥٥٨٧)

فيضانِ مدينه محلّه سوداگران زره سبزي منڊي، بابُ المدينه (ڪراچي)
UAN: +92 21 111 25 26 92 | Ext: 7213
Web: www.maktabatulmadinah.com | E-mail: feedback@maktabatulmadinah.com